پاراڻو ادب

سنڌ جا سپوت

# جنرل هوش محمد شيدي

نصير اعجاز

سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

ٻاراڻو ادب

سنڌ جا سپوت

# جنرل هوش محمد شيدي

نصير اعجاز

سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

ڇپائيندڙ: سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

(حق ۽ واسطا محفوظ)

ڇاپو پهريون ۱۹۹۰

تعداد ۵۰۰۰

قيمت [redacted] رپيا

Rs/ 10

**Personalities of Sindh**

Published by : Department of Culture and Tourism
Government of Sind
Printed by : Azad Communications Karachi.

هي ڪتاب مهتاب اڪبر راشدي سيڪريٽري، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي
پاران پڌرو ڪيو ۽ آفتاب ابڙي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪلچر (پبليڪيشنس)
جي نگرانيءَ هيٺ آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي ڇپيو.

ملڻ جو هنڌ

ڊائريڪٽوريٽ آف ڪلچر (پبليڪيشنس)

جناح ڪورٽس، ڊاڪٽر ضياالدين احمد روڊ ڪراچي.

فون - 513334

# پيش لفظ

هن وقت تائين ٻاراڻي ادب تي ايترو توجهه نه ڏنو ويو آهي، جيترو ڏيڻ کپندو هو. ٻاراڻو ادب قومي جاڳرتا ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. اها هڪ ميچيل حقيقت آهي ته ٻاراڻي عمر ۾ ڪنهن شيءِ کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت، وڏي عمر وارن جي ڀيٽ ۾ گهڻي هوندي آهي. ان عمر ۾ ئي ٻارن جي پيڙهه پختي ٿيندي آهي.

ٻاراڻي ادب جي کوٽ کي محسوس ڪندي، اسان ٻارن جي تعليمي ۽ ذهني اوسر لاءِ دلچسپ، اصلاحي، مفيد، معلوماتي، تاريخي ۽ ديني ڪتابن شايع ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي.

معلومات ۽ وندر وارن ڪتابن سان گڏ، اسان جي اها پڻ ڪوشش آهي ته ٻارن کي پنهنجن عظيم سپوتن ۽ انهن جي ڪارنامن کان واقف ڪريون ته جيئن هو اخلاق ۽ ڪردار جي پختگي طرف گامزن ٿي، مستقبل ۾ ڪاميابيون ماڻي سگهن.

ڪتاب، انسان جو بهترين دوست آهي، جيڪو انکي سنئين راهه تي وٺي وڃي ٿو۽ منجهس اخلاق، سچائي، بهادري ۽ بُري ڀلي سمجهه پيدا ڪري ٿو. ٻارن لاءِ ڪتابن جو اهو تحفو ڏيندي سنڌ ثقافت کاتو گهڻي خوشي محسوس ڪري ٿو. اميد اٿئون ته اسان جي هيءَ نماڻي ڪوشش توهان وٽ قبول پوندي.

مهتاب اڪبر راشدي

# جنرل هوش محمد شيدي

جنرل هوش محمد جي ابتدا جي باري ۾ ٿورو گهڻو انگريزن پنهنجي ڪتابن ۾ جيڪي ڪجھ لکيو آهي، اهو ئي هوشوءَ بابت معلومات جو اسان لاءِ بنيادي ذريعو يا وسيلو آهي. اسان جي محققن جيڪو ڪجھ هوشوءَ بابت لکيو آهي، اهو به فقط انگريزن جي ڪتابن ۾ ٿوري گهڻي ذڪر جي حوالي سان آهي. هوشوءَ جي حياتيءَ جو باقاعده احوال ڪٿي به نٿو ملي. محققن ان ڏس ۾ فقط ڪجھ اندازا ئي لڳايا آهن.

هوشوءَ جي حياتي ڪيئن به گذري هجي، پر ان حقيقت کان ڪير به انڪار نٿو ڪري سگهي ته هوشو هڪ ذهين شخص هو، جيڪو پنهنجي فوجي ذهانت جي ڪري انگريزن جي حواسن تي ڇانيل هو. سندس ئي حڪمت عمليون هيون، جن تحت جنگ وڙهي وئي. ان ڪري ئي انگريز، پنهنجي ڪتابن ۾ هوشوءَ جو ذڪر ذهين فوجي مهارت رکندڙ جي حيثيت ۾ ڪن ٿا.

هن ننڍڙي ڪتابڙي ۾ هوشوءَ جي وڙهيل، ڊبيءَ واري جنگ جي احوال سان گڏ، ان کان اڳ جي حالتن ۽ جنگ ٽوڙي بعد جي حالتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ڇو ته ڊبي واري جنگ کان اڳ ۽ پوءِ وارين حالتن جي پڙهڻ سان هوشوءَ جو ڪردار مڪمل طور واضح ٿي سامهون ايندو. هن ڪتابڙي لکڻ لاءِ مرحوم جي الانا جي مقالي، اليگزينڊرانس شانڊ جي ڪتاب "جنرل جان جيڪب" ۽ وليم نيپئر جي ڪتاب، "دي ڪانڪيوسٽ آف سنڌ،" نائون مل جي ڪتاب "يادگيريون" ۽ ڪجھ ٻين ڪتابن مان مدد ورتي آهي.

انسانن جو وڪرو اج ته ٿئي ٿو، پر سؤ ٻه سؤ سال اڳ تائين اهڙو زمانو هو، جو انسان هٿان انسان جو کُلئي عام وڪرو ٿيندو هو. هڪڙا انسان، ٻين انسانن کي قبضي ۾ ڪري انهن جو ڪاروبار ڪندا هئا. جن ۾ ردن ۽ ٻڪرين وانگر، انسانن جي اگهن جي ٻولي لڳندي هئي.

انسانن جو ڪاروبار ڪندڙ، وڏا سامونڊي ٻيڙا ڪاهي نڪري پوندا هئا ۽ ڪنهن ٻڌل زمين جي ڳولا

ڪندي، نيٺ وچي اتي لنگر ڪوڙي، اتان جي بيوس ماڻهن کي طاقت جّي زور تي پڪڙي، ٻورن ڍڳن وانگر هڪلي، جهاز ڀري، دنيا جي مختلف ملڪن ۾ بازاريون لڳائي، ڪين ٽڪن تي ڪپائي ڇڏيندا هئا. ان زماني ۾ غلامن جي واپار کي قانوني حيثيت حاصل هئي. غلام وڪرو ٿيڻ ڪانپوءِ، ڪنهن جا ذاتي نوڪر ٿيندا هئا. ته کي سخت محنت واري پورهئي تي لڳايا ويندا هئا. پئسي وارن ماڻهن لاءِ پگهار تي نوڪر رکڻ بدران غلام خريد ڪري ڪم تي لڳائڻ وڌيڪ فائديمند ثابت ٿيندو هو. جيڪي غلام پنهنجي ڪم ۾ هوشياري، ذهانت ۽ وفاداري ڏيکاريندا هئا، انهن جا اگهه به وڌيڪ ورتا ويندا هئا.

آفريڪا، اهو اونداهو ۽ اڻ ڏٺل کنڊ هو، جتان جا رهواسي، وڏ ۾ وڏ غلاميءَ جو شڪار ٿيا. آفريڪا جي گهڻن ملڪن کي ته مس ڏهه-ويهه سال اڳ غلاميءَ مان

چوتڪارو مليو آهي، جڏهن تہ ذڪرُ آفريڪا ايجا تائين گورن باشندن جي قبضي ۾ آهي. قديم زماني ۾، جڏهن باقي دنيا جا ڪاروباري ماڻهو، غوراب ڪاهي، آفريڪا پهتا هئا تہ ڪين ڪارا انگ اُگهاڙا جانٺا جوان، غلاميءَ لاءِ ڏاڍا مناسب لڳا.

يورپ، ايشيا ۽ آمريڪا غلامن جون وڏيون منڊيون هيون. اڄ اتي جيڪي شيدي نسل جا ماڻهو ڏسڻ ۾ اچن ٿا، انهن جي الاَبن ڏاڏن کي، مهذب سڏائيندڙ دنيا وارن غلام بنائي اتي آندو هو. اڄ انهن جو نسل، اهڙن ملڪن جي آباديءَ ۾ سمائجي ويو آهي. ڪارا انسان، پنهنجي صلاحيتن جي ڪري، زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اڳتي وڌيا آهن. موسيقي، اداڪاري، سياست، واپار، فوج ۽ ٻين شعبن ۾، سندن شاندار ڪردار رهيو آهي. اڄ آمريڪا جي فوج توڙي پوليس ۾ شيدي؛ جن کي اتي نيگرو سڏيو وڃي ٿو، اهم عهدن تي فائز آهن. ويجهڙائيءَ ۾،

هڪ شيدي، آمريڪي سياست ۾ ايترو اُڀريو، جو
ڪيس صدارتي اميدوار بڻايو ويو. باڪسنگ جو اڳوڻو
عالمي چئمپين محمد علي ڪلي بہ شيدي هو ۽ هاڻي بہ
باڪسنگ راند ۾ شيدي ڇانيل آهن.

اڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري، جڏهن آمريڪا ۾
گهرو لڙائي هلي رهي هئي، تڏهن غلام شيدين کي
غلامي ختم ڪرڻ جي آسري تي فوج ۾ ڀرتي ڪيو ويو
هو. اٽڪل ڏيڍ لک شيدي فوج ۾ ڪنيا ويا. آمريڪن
کي انهن سان ڪا اهڙي همدردي نہ هئي، پر بدلجندڙ
حالتن هيٺ شيدين کي آزاد ڪرڻ ضروري سمجهيو
ويو. ١٨٦٣ع ڌاري، آمريڪا ۾ شيدين جون
رجمينٽون ٺاهيون ويون هيون.

هوڏانهن سنڌ ملڪ ۾ پڻ، جنهن تي ان کان ٢٠ سال
اڳ ١٨٤٣ع ۾، انگريز قبضو ڪري چڪا هئا، اتي
هڪ شيدي سنڌ جي آزاديءَ جي جنگ وڙهندي، هن

ڏرتيءَ ڪارڻ سِر ڏنو. اهو سورمو هوش محمد قمبراڻي هو، جيڪو ”هوشو شيدي“ جي نالي سان سڏيو ويجي ٿو. انگريزن سان ويڙهه ۾ پنهنجي بي مثال دليريءَ جي ڪري هو افسانوي ڪردار بڻجي ويو آهي. سنڌ جي هن سورمي جي زندگيءَ جو احوال پورو نٿو ملي. سنڌ جي تاريخ ۾ هوشوءَ بابت فقط ڪي اشارا ملن ٿا. اندازو آهي ته هوشوءَ جا بزرگ، غلامن جي بازا ۾ وڪرو ٿي يا ڪنهن بادشاه پاران تحفي جي شڪل ۾ سنڌ ملڪ پهتا هوندا ۽ پنهنجي وفاداريءَ ۽ محنت سبب هن ديس جو حصو بڻجي ويا. هوش محمد به، پنهنجي والد وانگر مير فتح علي خان جي حويليءَ جو ملازم هو. ساڳي وقت هو جنگ جي ميدان جو به ماهر هو. سندس پئدائش بابت يقين سان ڪجھ نٿو چئي سگھجي، پر جيئن ته هو مير فتح علي خان جي پٽ مير صوبدار جو ساٿي ۽ هم عمر هو، تنهن ڪري اندازو آهي ته هو

۱۸۰۱ع ۾ پيدا ٿيو هوندو.

مير صوبدار جو هم عمر ۽ گهريلو شخص هئڻ ڪري ٻنهي ۾ دوستي هئي. انهيءَ ڪري هوشو سدائين مير صوبدار جو وفادار رهيو. ايتري قدر جو جڏهن مير صوبدار پنهنجي چاچي جي خلاف بغاوت ڪئي، تڏهن به هوشوءَ سندس ساٿ ڏنو. مير صوبدار اڳتي هلي پنهنجي چاچي سان صلح ڪيو هو، پر سندس سازش جاري هئي. ان موقعي تي هوشوءَ ثابت ڪيو ته هو سچو وطن پرست آهي. انگريزن جڏهن سنڌ تي حملو ڪيو ته انهن جي نظر اهڙن شهزادن تي هئي، جيڪي اقتدار جي لالچ ۾ اچي سندن ساٿ ڏين. انگريز، مير صوبدار کي به پاڻ سان ملائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هوشوءَ، مير صوبدار کي ڏاڍو سمجهايو ته انگريز، سنڌ جا دشمن آهن ۽ انهن جي سازش ۾ نه اچڻ گهرجي، پر مير صوبدار نه مڙيو. هوشوءَ کيس چيو ته، ”سنڌ کي خطرو آهي. هن

موقعي تي سڀ ويچا وساري ڇڏ ۽ پنهنجي چاچي جي مدد ڪر.“

مير صوبدار جي چوڌاري خوشامدي درباري جمع ٿيا هئا. انگريزن کيس حڪومت ملڻ جا خواب ڏيکاريا هئا. ڪافي وقت کان انگريزن جي خواهش هئي ته سنڌ ۾ پير ڄمائين. ان ڪري ۱۸۴۳ ۾ انهن، سنڌ جي ميرن کي دڙڪو ڏنو ته سندن تيار ڪيل ناهه تي صحيحون نه ڪيون ويون ته ان جو نتيجو خراب نڪرندو. ميرن ان ناهه تي ڳالهيون ئي مس شروع ڪيون ته ۱۱ جنوري ۱۸۴۳ع تي انگريزن حملو ڪري ’امام ڳڙهه‘ وارو قلعو فتح ڪري ورتو، جيڪو خيرپور جي ميرن جو هو. ان وقت سنڌ جا مير پاڻ ۾ وڙهيل هئا. مير نصيرخان حيدرآباد جو حاڪم هو ۽ سندس سئوٽ مير صوبدار نه صرف سندس مخالف هو، پر اندروني طور انگريزن جي مدد به ڪري رهيو هو.

١٧ فيبروري ١٨٤٣ع تي مياڻيءَ جي جنگ لڳي تہ مير صوبدار خان، حيدرآباد جي قلعي ۾ رهيل هو. جڏهن کيس انگريزن جي فتح ۽ ميرن جي هارائڻ جي خبر پئي تہ هن منشي آڏت راءِ کي مڻائي ۽ قيمتي سوکڙيون ڏئي چارلس نيپئر ڏانهن موڪليو، جيڪو انگريز فوجن جو سالار هو. چارلس نيپئر کيس پيغام موڪليو تہ هو حيدرآباد جي ميرن کي شرطن ڪانسواءِ، پيش پوڻ لاءِ تيار ڪري. ساڻن سندن مرتبي مطابق سلوڪ ڪيو ويندو. هوڏانهن، هوشو پنهنجي ملڪ جي اهڙن منصوبن جو مخالف رهيو.

هوشوءَ، مير صوبدار کي چيو، ”پنهنجن کي مارائي سرداري بچائڻ، ديس سان دشمني آهي. عوام جو ساٿ ڏي ۽ سورمن وانگر وڙهہ.“ انهن ڳالهين تي مير صوبدار تپي باهہ ٿي ويو ۽ هوشوءَ کي سزا جا دڙڪا ڏئي چيائين تہ منهنجي اکين کان ٽري وڃ. انگريز هڪ هڪ

ڪري، سنڌ جي سردارن کي پڪڙي، سندن ملڪيتن تي قبضا ڪري رهيا هئا. مياڻي واري جنگ جي ڇئن ڏينهن ڳانپوءِ، ۲۱ فيبروري ۱۸۴۳ع تي انگريز سپاهي، حيدرآباد جي قلعي ۾ گهڙي آيا ۽ ميرن جي خزاني تي قبضو ڪيائون. فقط پنجن ڏينهن ڪانپوءِ مير محمود خان ۽ مير صوبدار خان کي زبردستيءَ قلعي مان ڪڍي قيدي بنايو ويو.

اهي حالتون ڏسي، هوشوءَ جي دل ۾ انگريزن لاءِ نفرت ويتر وڌي وئي، ”شڪست اچڻي ويڃڻي ڳالهه آهي، ڪاٻه شڪست دائمي نه هوندي آهي.“ اهو سوچي هن تلوار کنئي. ڪجهه بهادر ۽ وفادار سپاهي گڏ ڪيائين ۽ ان اميد تي، حيدرآباد ڇڏي مير شير محمد ڏانهن ميرپورخاص روانو ٿي ويو ته ايندڙ جنگ ۾ انگريزن کي شڪست ٿيندي ۽ سنڌ، ڌارين جي قبضي مان آزاد ٿي ويندي.

مير شير محمد اڳئي، انگريزن سان مقابلي جو فيصلو

ڪري چڪو هو. ڪيس هوشوءَ جهڙن دلير ۽ وفادار ساٿين جي ضرورت هئي. هوشوءَ ۽ سندس ساٿين جي پهچڻ سان هن جي قوت ۽ همت ايجا بہ وڌي وئي. مير شير محمد، ڏهين مارچ ١٨٤٣ع تي پنهنجي فوج وٺي، حيدرآباد ڏانهن روانو ٿيو.

٢٢ مارچ ١٨٤٣ع، اهو تاريخي ڏينهن آهي، جڏهن سنڌ جي جوڌن، ديس جي آزاديءَ کي بچائڻ لاءِ انگريزن جي هٿيار بند فوج سان آخري دوبدو جنگ ڪئي. سندن ذهن ۾ فقط هڪ ئي سوچ هئي، "آزادي يا موت." ٢٢مارچ ١٨٤٣ع تي چارلس نيپئر بہ پنهنجي فوج وٺي ڦليلي واهہ تي آيو هو. پهرين هلڪين چڪرين ڪانپوءِ سنڌ جي وطن پرست فوج ۽ انگريزن جي غاصب فوج وچ ۾ زبردست جنگ ٿي. سنڌي سپاهين وٽ جديد جنگي هٿيار ڪونہ هئا. دشمن فوج وٽ گهوڙا ۽ جديد هٿيار هئا. سنڌي جوانن کي موت جي

پرواهہ ڪانہ هئي. هو وڙهندا رهيا، ڪرندا رهيا. انگريز فوج خطرناڪ هٿيارن جي زور تي سنڌي فوج کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو. سنڌي فوج ڪجھ دير هڪ سڪل واهہ وٽ پنهنجو دفاع ڪيو. ان مهل ڪجھ وڌيڪ جوان اچي ساڻن مليا ۽ وري دشمن سان سخت مقابلو شروع ٿي ويو.

هوش محمد، جيڪو جنگ جي فن جو ماهر هو، تنهن مير شير محمد کي صلاح ڏني تہ فوج کي پوئتي هٽائي، سپاهن کي هڪ ڏينهن جو آرام ڏجي ۽ نئين سر مورچہ بندي ڪجي، تہ جيئن ٻئي ڏينهن وڌيڪ توانائيءَ سان وڙهي سگهجي. ڪين اهو موقعو نہ ملي سگهيو ۽ سنڌي جوڌا وڙهندا رهيا. هوشو، سنڌ وطن جي آزاديءَ کي بچائڻ واري جذبي ۾ ايترو تہ سرشار هو، جو هو دشمن کي للڪاريندو رهيو. هوشوءَ سنڌي سپاهين کي سورهيہ ٿي سوڀ حاصل ڪرڻ لاءِ همٿائيندو رهيو.

هو گجندو رهيو ته دشمن کي ختم ڪرڻ لاءِ گڏجي حملا ڪريو. انهيءَ جنگ ۾ هوشوءَ اهو تاريخي نعرو هنيو، جنهن ڪيس انگريزن خلاف جنگ آزاديءَ جو امر هيرو بنائي ڇڏيو. سندس نعرو هو، "مرويسون مرويسون، سنڌ نه ڏيسون."

هوشوءَ، سنڌ ديس تي پنهنجو ساهه صدقو ڪيو. هو هڪ سؤ ساٿين سميت پوين پساهن تائين وڙهندو رهيو، پر هڪ انچ به پوئتي هٽڻ لاءِ تيار نه ٿيو. وطن لاءِ پنهنجي آخري جنگ ۾ هوشوءَ جنهن بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو هو، ڪيترن انگريز تاريخ لکندڙن ان کي ساراهيو آهي. انهن سنڌ متعلق پنهنجي ڪتابن ۾ هوشوءَ ۽ سندس بهادريءَ جو ذڪر نمايان طور تي ڪيو آهي.

هونئن ته انگريزن، ١٨٤٣ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو هو، پر ڏٺو وڃي ته صدين کان يورپي قومن جي اک سنڌ

تي هئي. ٽالپرن جي زماني ۾ انگريزن، دوکيبازيءَ سان ٽالپر حڪمرانن سان ڪيترائي ناهه ڪري ڪين چار ۾ ڦاسايو هو ۽ سنڌ ۾ پير ڄمائڻ شروع ڪيا هئا. هنن، ٽالپر حڪمرانن کي ايترو تہ تنگ ڪيو جو جنگ ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪو رستو نہ رهيو. ١٧ فيبروري ١٨٤٣ع تي حيدرآباد کان ست ميل پري مياڻيءَ وٽ مير نصير خان ۽ چارلس نيپئر جي فوج وچ ۾ مقابلو ٿيو، جنهن ۾ انگريزن کي فتح حاصل ٿي. ميرن ڀڄي وڃي حيدرآباد جي قلعي ۾ پناهه ورتي. چارلس نيپئر سندن پيڇو ڪري مير خان جي ٽنڊي ۾ وڃي ديرو ڄمايو. مير وڃي وٽس پيش پيا. ميرن جا ڪٽنب قليليءَ پار هليا ويا ۽ انگريزن قلعي تي قبضو ڪري ورتو. اها ئي گهڙي هئي جڏهن هڪ سورمي، تاريخ ۾ پاڻ کي امر بنائڻ جو فيصلو ڪيو. حاڪمن انگريزن جي آڏ ميچي ورتي پر ديس جا سچا سپاهي، ضمير جو

سودو ڪري لاءِ تيار نہ هئا. ٽالپر حڪمران، هٿيار ڦٽا ڪري رهيا هئا، ٻئي پاسي آزاديءَ جا متوالا ڪجھ سپاهي، هوشوءَ جي سرواڻيءَ ۾، هٿيار کڻي هڪ نئين جنگ جي تياريءَ لاءِ نڪري پيا. ۲۴مارچ ۱۸۴۳ع تي هنن مير شير محمد ملڪاڻيءَ سان گڏجي وطن لاءِ تاريخي ويڙھ ڪئي هئي. اها تاريخي جنگ حيدرآباد کان ۸ ميل پري ٽنڊي الهيار واري رستي تي "دٻو" نالي هنڌ تي ٿي.

سرچارلس نيپئر جي ڀاءُ وليم نيپئر، پنهنجي ڪتاب، "دي ڪانڪيوسٽ آف سنڌ" (سنڌ جي فتح) ۾ جنرل هوش محمد قمبراڻيءَ جو ذڪر زبردست نموني ڪيو آهي. ان ڪتاب ۾ وليم نيپئر لکيو آهي تہ، "جنگ ۾ انگريزن جي شڪست ويجهي هئي ۽ سرچارلس نيپئر ميدان ڇڏي ڀڄڻ وارو هو تہ اوچتو، ڪنهن، مير شير محمد سان دغا ڪري، ناريجن جي ڳوٺ ۾ ميرن جي

بارود خاني کي باھ ڏئي ڇڏي. اھا حالت ڏسي انگريزن جا حوصلا بلند ٿيا. جنرل هوش محمد، مير شير محمد کي ميدان مان نڪري وڃڻ جي صلاح ڏئي ۽ پاڻ آخري دم تائين وڙهندو رهيو ۽ شهيد ٿيو.“

وليم نيپئر لکي ٿو، ”هوشو شيدي نهايت منظم طريقي سان جنگ ڪري رهيو هو ۽ هو جنگ جي فن ۾ ڪنهن بہ انگريز جرنيل کان گهٽ نہ هو.“ هڪ هنڌ هو لکي ٿو، ”هوش محمد شيديءَ جي بهادري بي مثال هئي ۽ جنگ ڪرڻ توڙي ٻين کي همٿائڻ ۾ هو ڪنهن انگريز کان گهٽ ڪونہ هو. جنرل جان جيڪب، جنهن جيڪب آباد جو شهر آباد ڪيو هو، تنهن سنڌ ۾ سمورين لڙائين ۾ حصو ورتو هو. دبي واري جنگ ۾ پڻ شريڪ هيو. جنرل جيڪب پاڻ هوشوءَ جي بهادري اکين سان ڏٺي هئي. هڪ هنڌ هو لکي ٿو، ”مان سترهن جنگين ۾ وڙهيو آهيان، پر مون هوشوءَ جهڙو بي ڊپو ۽

سرڪش جرنيل نہ ڏٺو آهي.“

هڪ ٻيو انگريز مصنف اليگزينڊر اِنس شانڊ پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ سنڌ تي انگريزن جي قبضي جو سڄو داستان لکيو آهي. ان ڪتاب جو هڪ باب دٻي واري جنگ متعلق آهي. اليگزينڊر لکي ٿو، ”مير شير محمد، مياڻيءَ واري جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ فوج وٺي روانو ٿيو، پر سندس پهچڻ کان اڳ جنگ جو فيصلو ٿي چڪو هو. سرچارلس نيپئر، هڪدم حيدرآباد پهچي ياچوڪڙ ميرن کي پيغام موڪليو تہ توهان کي فيصلي ڪرڻ لاءِ ١٢ ڪلاڪن جي مهلت ڏيان ٿو. ان وچ ۾ مان مٿن فوجين کي پورائي وٺندس.“ ڊنل ڇهہ شهزادا، هڪدم اچي سندس ڪئمپ ۾ پهتا ۽ تلوارون ڦٽيون ڪيائون. ١٩فيبروريءَ تي چارلسن نيپئر شهر ۾ گهڙيو ۽ قلعي تي قبضو ڪري ورتائين. بلوچ فوج، قلعي جي حفاظت لاءِ تيار هئي. مياڻيءَ ۾ هارائڻ ڪانپوءِ بہ اتي

وري ڏهه هزار سپاهي گڏ ٿي ويا هئا، پر سندن حڪمران وڙهڻ لاءِ تيار نہ هئا. اها حالت ڏسندي دلير سپاهي، اتان مير شير محمد ڏانهن هليا ويا.“

اليگزينڊر لکي ٿو مير شير محمد جنگي طور طريقن جو ڄاڻو هو، پر شڪر آهي جو سندس سپاهين ۾ نظم ضبط ۽ سندس سردارن ۾ صلاحيت نہ هئي، ان ڪري هو پنهنجي پلان تي عمل نہ ڪري سگهيو. سندس پلان هو تہ حيدرآباد جي قلعي تي حملو ڪندو. ڏينهون ڏينهن سندس ڪارروايون وڌي رهيون هيون. هو قلعي جي در تائين اچي تباهي مچائي ويندو هو ۽ انگريز چوڪين جي پرسان چراگاهن ۾ بيٺل اٺ ڪاهي ويندو هو. ١٨ مارچ تي هن چتاءُ موڪليو، ”هيءُ ملڪ ڇڏي وڃو تہ توهان جون جانيون ۽ سموري ملڪيت توهان کي بخش ڪنداسين.“ اهو چتاءُ، شام جو انگريز توبخاني مان گولو ڇوڙڻ وقت مليو هو. چارلس

نيپئر، مير شير محمد جي ايلچيءَ ڏانهن پنهنجي موڙي چيو، ”اهو آواز بڌئي! تنهنجي سرواڻ لاءِ منهنجو اهو جواب آهي.“

ان جواب مان صاف ظاهر هو تہ انگريز سنڌ مان هٿ نہ ڪيندا ۽ انهن سان جنگ اٽل ٿي چڪي آهي. مير شير محمد، پنهنجي جنرل هوش محمد جي مدد سان جنگي حڪمت عمليون ٺاهيندو رهيو. سنڌ جي هنن سورمن، انگريزن تي چوڪسي رکي ۽ سندن فوجن جي چرپر کي جاچيندا رهيا. هڪ ڏينهن جڏهن انگريز فوجي دستن جي پريڊ هلي رهي هئي، تہ ميرشيرمحمد جا ڪجھ ايلچي وري اتي پهتا ۽ پيغام پهچايو تہ انگريز فوج هٿيار ڦٽا ڪري. انگريزن وري بہ جواب ڏنو تہ، ”سياڻي اسان پيش قدمي ڪنداسين. مير شير محمد جيڪڏهن بنا شرطن جي هٿيار ڦٽا ڪري تہ کيس جان جي امان ڏبي ۽ سندس سردار جيڪڏهن گورنر جنرل

سان وفاداريءَ جو قسم کڻن تہ اهي پنهنجي ساٿين سميت واپس ڳوٺن ڏانهن سلامتيءَ سان وڃي سگهندا ۽ سندن مال ملڪيت کي بہ هٿ نہ لائبو.“

اليگزينڊر پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ ”صبح ٿيڻ شرط ۵ هزار فوج هٿياربند ٿي چڪي هئي، جن وٽ سترهن توبون هيون. اطلاع مليا تہ شير محمد پنهنجي فوج، حيدرآباد کان ۸ ميل اتر اولهہ ۾ دٻي واري هنڌ گڏ ڪئي آهي. ان علائقي ۾ رڳو باغ، شڪار گاهہ ۽ پاڻيءَ جا نالا هئا، جتي ميرن جي فوج سولائيءَ سان لڪي سگهي ٿي. انگريزن طرفان جنرل جان جيڪب کي اڳتي وڌايو ويو. هو پنهنجي فوج وٺي ڏهہ ميل اڳتي وڌي آيو، تڏهن جاسوسن ٻڌايس تہ مير شير محمد جي فوج، ڪاٻي پاسي ٻن ميلن جي پنڌ تي دٻي وٽ موجود آهي.

انگريزن، ميرشيرمحمد جي فوج جي صف بنديءَ جو

اندازو لڳائي ورتو هو. جنهن نموني سان صف بندي ٿيل هئي، ان انگريز فوج کي پريشان ڪري وڌو. ميرشيرمحمد جي فوج جي صف بندي هن طرح ڪيل هئي، جو کابي پاسي سپاهين جي جٿي پويان ڪيولري بيهاري وئي. ساڄي پاسي سپاهين جي جٿي پويان ڊبو ڳوٺ هو، جتي پڻ ماڻهن کي گڏ ڪيو ويو هو ۽ گهرن کي سوراخ ڪيا ويا هئا. کابي پاسي توبون هيون، جيڪي ٻئي نمبر ناليءَ جي پٺيان هيون. سيني جي اڳيان سمورو جهنگ ڪٽي صاف ڪيو ويو هو.

اليگزينڊر لکي ٿو ته، ”صف بنديءَ ۾ انهيءَ کان وڌيڪ مهارت ٻي ڪابه ٿي نٿي سگهي ۽ ان جي پٺيان فقط هڪ ذهن هو. اها فوجي ذهانت هئي هڪ آفريڪي غلام جي، جنهن کي ميرصوبدار آزاد ڪيو هو ۽ اسان جي خوش قسمتي آهي، جو هو جنگ ۾ ختم ٿي ويو.“ انهن جملن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته جنرل هوش

محمد جي جنگي مهارت ڪيتري هئي ۽ انگريز ڪائنس ايترو تہ ڊنل هئا، جو هوش محمد جي شهادت کي هنن پنهنجي لاءِ خوش قسمتي تي سمجهيو.

سر چارلس نيپئر، ميرشيرمحمد جي فوج جو اندازو لڳائڻ کانپوءِ حملي جو حڪم ڏنو هو. انگريز فوج پنهنجي پوري طاقت سان حملو ڪيو پر سنڌي سورمن، سندن حملي کي ناڪام ڪري ڇڏيو. ان مهل انگريز فوج محسوس ڪيو تہ سنڌي فوج کين کابي پاسي کان گهيري ۾ وٺڻ لاءِ جهنگ اندران اڳتي وڌي رهي آهي. تڏهن انگريزن پنهنجي توبخاني کي، سنڌي فوج مٿان بارود جو مينهن وسائڻ جو حڪم ڏنو. ان وقت جي لحاظ کان جديد هٿيارن کان محروم سنڌي سپاهين، بارود جي برسات کان بچڻ لاءِ پناهہ ڳولڻ شروع ڪئي تہ مٿن انگريزن جي سنڌ هارس، بمبئي ڪيولري ۽ بنگال ڪيولريءَ جهڙين سکيا ورتل

رجمينٽن، حملو تيز ڪري ڇڏيو، ڇو تہ انگريز فوج سمجهيو تہ شايد سنڌي فوج ۾ ياڃ پئجي وئي آهي. سنڌين جا سر ڪِرندا رهيا. آخري دم تائين وڙهندا رهيا، نيٺ اهو مرحلو بہ آيو، جڏهن سنڌي سپاهين انگريز فوج سان دوبدو، ٻڪين پئجي ويڙهہ شروع ڪئي. سر ڌڙ کان ڌار ٿيندا رهيا، تلوارون ٽڪرائبيون رهيون. سنڌي سورمن ايترو رت ڏنو جو سڪل ڦليليءَ جي پيٽ ۾ رت جو وهڪرو وهي هليو. هوشوءَ، دشمن جي حملن کي منهن ڏنئي، پنهنجي اميز، مير شيرمحمد کي نڪري وڃڻ جو موقعو ڏنو. جان جيڪب جو چوڻ هو تہ هن پاڻ، ميرشيرمحمد کي هاٿيءَ تي چڙهي ويندي ڏٺو هو.

جنرل هوشوءَ جي آخري دم تائين دشمن سان وڙهي جان قربان ڪرڻ بيوقوفي ڪانہ هئي ؟ نہ ئي ميرشيرمحمد جو جنگ جي ميدان مان نڪري وڃڻ

بزدلي هئي. سنڌي فوج باقاعده سکيا ورتل ڪانه هئي ۽ نه ئي وٽن جديد هٿيار هئا. هو فقط سنڌ وطن جي آزاديءَ ڪارڻ هڪ مقدس جذبي سان وڙهي رهيا هئا. مقابلي ۾ سامراجي فوج هئي، جنهن کي اڳيئي ڪيترين جنگين جو تجربو ۽ جديد هٿيار هو. دٻي واري جنگي ۾ بدلجندڙ حالتن کي ڏسڻ ڪانپوءِ ميرشيرمحمد کي هوشوءَ پاران، نڪري وڃڻ جي صلاح ته دشمن سان جنگ جاري رکڻ واري جذبي تحت هئي. هوشوءَ چاهيو ٿي ته پنهنجي جان قربان ڪري ميرشيرمحمد کي ايترو موقعو مهيا ڪجي ته جيئن هو دشمن جي پهچ کان پري هليو وڃي. هوشوءَ چاهيو ٿي ته ميرشيرمحمد، وري وڃي پنهنجي طاقت کي گڏ ڪري، انگريز کي للڪاري. هوشوءَ جي انهيءَ قربانيءَ، مير شير محمد کي انهيءَ قابل بڻايو جو هن، انگريز فوج سان گوريلا جنگ شروع ڪئي ۽ ايئن، سنڌين جي تاريخ ۾ گوريلا

ويڙهه جو هڪ نئون باب لکجي ويو.

ميرشيرمحمد، دبي واري علائقي مان سڌو ميرپور ويجي پهتو ۽ اتان بارن ٻچن کي وٺي عمرڪوٽ هليو ويو. انگريز ليکڪ اليگزينڊر لکي ٿو، ”ميرشيرمحمد دلير هو، پر ان سهل هو هراسجي ويو هو، ڇو ته هو پنهنجو بهترين فوجي ماهر (هوشو) دبي جي جنگ ۾ وڃائي ويٺو هو.“ انگريزن، عمرڪوٽ تائين ميرشيرمحمد جو پيڇو ڪيو، پر هو اتان به نڪري ويو ۽ ڪتنب جي ڀاتين ۽ ڪجھ ساٿين سميت ٿر جي رڻ پٽ ۾ گم ٿي ويو. ميرشيرمحمد گم ٿيا ٿيو، انگريزن ۾ بيچيني پکڙجي وئي. هنن کي هر وقت خطرو رهڻ لڳو. ٻئي پاسي ميرشيرمحمد واچوڙو بڻجي ويو. هو ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي اوچتو ظاهر ٿيندو هو ۽ انگريزن تي حملا ڪري هليو ويندو هو. هن هالا ۾ به انگريزن تي حملو ڪيو ۽ پوءِ ڪڇي ۾ درياهه ڏانهن هليو ويو. انهن ڏينهن ۾ هالا ۾ ميرشيرمحمد وري حملو ڪرڻ وارو هو ته سندس هڪ برهمڻ نوڪر،

غداري ڪئي ۽ رات جو انگريزن کي اطلاع ڏنو تہ
ميرشيرمحمد، ٨هزار ماڻهن سان مٿن حملو ڪندو.
ميرشيرمحمد وري بہ وڙهندو رهيو.

سيٺ نائون مل هوتچند، جنهن سنڌ تي قبضي ۾
انگريزن جو ساٿ ڏنو ۽ انهن جي مالي، فوجي ۽ ٻي هر
قسم جي مدد ڪري سنڌ سان غداري ڪئي، تنهن
پنهنجي ڪتاب ”يادگيريون“ ۾ لکيو آهي تہ، ”مياڻيءَ
جي جنگ کان ڏيڍ مهينو پوءِ، تـڙيل پڪـڙيل ٻروچ،
شيرمحمد جي جهنڊي هيٺان اچي گڏ ٿيا ۽ هن انهن جي
مدد سان حيدرآباد کان ٨ ميل پري ٽنڊي الهيار واري
رستي تي دٻاري (دٻو) جي ڳوٺ وٽ سرچارلس نيپئر
جو مقابلو ڪيو. ٻروچن وري بہ شڪست کاڌي ۽
شيرمحمد، دودي مري علائقي جي پهاڙي لڪن ڏانهن
ڀڄي ويو. هن جي ڀاءُ مير شاه محمد، سپاهي ڀرتي
ڪرڻ جي ارادي سان چانڊڪي ۽ ڪاڇي جو طرف
ورتو. سرچارلس کي هن جي ارادن کان واقف ڪيو
ويو، جنهن سندس پٺيان هڪ فوجي دستو روانو ڪيو

جو، ڪيس جهانگارن وٽ پهچي قيد ڪري وٺي آيو.“

سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڙهيل انهن جنگين جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ سنڌي دلير هئا، پر سندن شڪست جا ڪارڻ اهي هئا تہ هڪ پاسي ڪين منظم فوج ۽ فوجي سکيا ڪانہ هئي، ۽ ٻئي پاسي پنهنجن ئي غداري ڪري سنڌ کي انگريزن جو غلام بنايو. اها ئي تاريخ، سنڌ جي هر ايندڙ نسل کي هوشوءَ جهڙن سورمن جي دليري، ذهانت ۽ وطن پرستيءَ جو سبق ڏيندي رهندي.

۲۳ مارچ ۱۸۴۳ع، سنڌ جي سورمي جنرل هوش محمد جي شهادت جو ڏينهن آهي. انگريزن سان جنگ ۾ شهيد ٿيل سپاهين کي دٻي واري هنڌ تي دفنايو ويو هوندو، پر اهڙي ڪابہ ثابتي نٿي ملي تہ شهيد هوشوءَ کي ڪٿي سپرد خاڪ ڪيو ويو. چيو وڃي ٿو تہ شهيد هوشوءَ جي تربت، حيدرآباد واري پڪي قلعي ۾ آهي. ڪي روايتون آهن تہ هوشوءَ جي قبر دٻي واري هنڌ ئي آهي. ان ڏس ۾ متضاد راءِ آهي، جنهن جو فيصلو ڪرڻ هن وقت ڪنهن بہ محقق جي وس ۾ ناهي. سوچڻ جي

ڳالھ آهي تہ ڇا انگريزن ۾ ايتري اخلاقي بلندي هئي تہ هوشوءَ کي هڪ جنرل واري اعزاز سان دفنائڻ لاءِ سندس ميت ٨ ميل پري کان کڻي حيدرآباد ۾ پڪي قلعي ۾ آيا هجن! حيدرآباد جي قلعي ۾ جنهن قبر لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اها شهيد هوشوءَ جي آهي، خبرناهي تہ هاڻي اها سلامت هجي بہ، يانہ، پر اڳ جڏهن اها قبر صحيح حالت ۾ هئي. تڏهن ان جي ڪتبي تي لکيل هو، One of the Meer's Soldiers(ميرن جو هڪ سپاهي). هاڻي چئي نٿو سگهجي، تہ ميرنُ جو اهو سپاهي هوشو هو يا ٻيو ڪو!

ڪي قومون، پنهنجي گمنام سپاهين جي قبرن مان اُتساهہ وٺنديون آهن، هتي اسان وٽ هڪ سچو وطن پرست سورمو ۽ سپاهي تہ آهي، پر ان جي قبر گمنام آهي. ليڪن اهو گمنامِ قبر وارو سپاهي هوشو، سنڌ جي هر نسل ۾ آزاديءَ جا اُدما ۽ اُتساهہ پيدا ڪندو رهندو.